هفتيوار رسالو

# نج جا آداب

(امير اهل سنت دامت برڪاتهم العاليه جو بيان)

(سنڌي)

- نج ۽ سائنسي تحقيق
- ڪافر جي نج جو جواب
- ڏندن جي بيمارين کان حفاظت
- نماز ۾ نج جو جواب ڏيڻ ڪيئن؟

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

رسالي جو نالو: **نچ جا آداب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـاني ءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# نچ جا آداب

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْن

نڇ کي عربيءَ ۾ ”عَطَس“ چئبو آهي. هي هڪ فطرتي عمل آهي جيڪو انسان تہ انسان، جانور کي بہ پيش ايندو آهي. ڪيترين ئي حديثن مبارڪن ۾ نڇ جو ذڪر آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسان جي شريعت مطهره ۾ نڇ جي متعلق ڪيترن ئي اهم شرعي مسئلن، آداب ۽ احڪام وغيره جو بيان آهي، انهن ۾ ڪيترائي اهڙا احڪام بہ آهن جن تي عمل نہ ڪرڻ وارو شخص **”گنهگار“** تي سگهي ٿو، ان ڪري هن موضوع جي باري ۾ ڄاڻڻ ضروري آهي. شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه 23 جُمادَي الاوليٰ 1441 هجري تي مدني چينل تي لائيو ”نڇ“ جي موضوع تي بيان فرمايو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينۃُ العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جو شعبو هفتيوار رسالو، اميرِ اهلِ سنت جي هن بيان کي ضروري ترميم ۽ موضوع جي مناسبت سان ڪجھ واڌاري سان رسالي جي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهي. هن رسالي ۾ توهان پڙهي سگهندا تہ نڇ اچڻ تي ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ“ چو پڙهڻ گهرجي؟ نڇ جو جواب ڇا آهي؟ نماز ۾ نڇ اچي تہ ڇا ڪجي؟ ڇا نڇ اسان جي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏني آهي؟ ان سان گڏوگڏ ضروري معلومات سان گڏ پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هن رسالي ۾ ڪجھ واقعا بہ شامل ڪيا ويا آهن. الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ بہ هن رسالي کي پڙهو ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جي نيت سان ٻين کي بہ تحفي طور پيش ڪيو.

طالبِ غمِ مدينہ و بقيع و بي حساب مغفرت

ابو محمد طاهر عطاري مدني عُفِيَ عَنْهُ

شعبو هفتيوار رسالو مطالعو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# نج جا آداب

**دعاءِ عطار:** اي ربِّ ڪريم! جيڪو بہ هي رسالو ”نج جا آداب“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي، ان کي پنهنجي رضا تي راضي رهڻ جي توفيق ڏي ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِین بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (درود شريف جي فضيلت)

**فرمانِ آخِري نبي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان: جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو، اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي. (الترغیب والترھیب، جلد ۲، ص ۳۲۸، حدیث: ۲۲)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## سڀ ڪان ڀهريان نج ڪنهن ڪئي آئي؟

اللّٰه پاڪ جڏهن حضرت آدم صفيُّ اللّٰه عَلَیْہِ السَّلَام کي پيدا فرمائڻ جو ارادو ڪيو تہ ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَیْہِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ زمين مان هڪ مُٺ مِٽي کڻي اچ. حڪمِ خداوندي سان حضرت ملڪ الموت عَلَیْہِ السَّلَام جڏهن زمين مان مٽي جي هڪ مٺ ڀري تہ سڄي زمين جي مٿئين سطح کل جيان لهي سندن مٺ ۾ اچي وئي. جنهن ۾ سٺ رنگن (Sixty colours) ۽ مختلف ڪيفيتن واريون مِٽيُون شامل هيون، ان مٽي کي مختلف پاڻين سان ڳوهڻ جو حڪم فرمايو ، پوءِ ان مِٽي مان حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جو جسم ناهي جنت جي دروازي تي رکيو ويو، جنهن کي ڏسي فرشتا تعجب

ڪندا هئا ڇو تہ فرشتن اهڙي شڪل ۽ صورت جي ڪا مخلوق ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. الله پاڪ پوءِ ان جسم ۾ روح ڪي داخل ٿيڻ جو حڪم فرمايو، پوءِ روح داخل ٿيو جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي نڪ مبارڪ ۾ پهتو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي نچ آئي، جڏهن روح زبان تائين پهچي ويو تہ الله پاڪ فرمايو تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چئو! پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام "اَلْحَمْدُ لِلّٰه" چيو تہ الله پاڪ فرمايو "يَرْحَمُكَ اللهُ يَا أَبَا مُحَمَّد!" يعني الله تو تي رحمت فرمائي، اي ابو محمد (هي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ڪنيت هئي) مون تو کي پنهنجي حمد يعني تعريف بيان ڪرڻ لاءِ ئي بڻايو آهي، پوءِ روح آهستي آهستي پوري بدن ۾ پهچي ويو ۽ پاڻ اٿي ويٺا.

(تفسير خازن، پ ١، البقرة، تحت الآية: ٣٠، ٤٣/١ ملخصاً و بتغير۔ تفسير روح البيان، پ ١، البقرة، تحت الآية: ٣٠، ١٠٠/١ ملخصاً و بِتَغَيّرٍ)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت هجي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نچ ۾ سائنسي تحقيق

اي عاشقانِ رسول: نچ انساني جسم لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. الله پاڪ نڪ، منهن، حلق ڪان وني ڦڦڙن تائين تمام هوائي رستن ۾ نرم جهليون (يعني انسان ۽ حيوان جي گوشت جون تمام سنهڙيون چمڙيون جن مان آرپار نظر ايندو آهي) پيدا فرمايون آهن، سائنسي تحقيق موجب جڏهن اسان کي نچ ايندي آهي تہ نڪ ۾ موجود بيڪٽيريا ۽ وائرس ٻاهر نڪرندا آهن ۽ اسان جو جسم جراثيمن ڪان پاڪ ٿي ويندو آهي. اسان جي پياري پياري رب اسان لاءِ ڪيڏو پيارو نظام ناهيو آهي. سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيمِ وَبِحَمْدِهٖ يعني عظمت واري الله پاڪ لاءِ ئي پاڪائي ۽ تعريف آهي.

هر شے سے ہیں عیاں مرے صانع کی صنعتیں　　عالَم سب آئنوں میں ہے آئینہ ساز کا

(ذوقِ نعت،ص17)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”سنت ۾ ئي عظمت آهي“ جي 14 اکرن جي نسبت سان نڇ متعلق 14 حديثون مبارڪون

### ﴿1﴾ ”نڇ“ الله کي پسند آهي

آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان: الله پاڪ نڇ کي پسند ۽ اوٻاسيءَ کي ناپسند ڪندو آهي، تہ جڏهن توهان مان ڪو نڇ ڏئي ۽ الله جي حمد ڪري تہ هر ٻڌندڙ مسلمان تي حق آهي تہ ان کي نڇ جو جواب ڏئي يعني ”يَرۡحَمُكَ الله“ چوي. (بخاري، ٤/١٦٣، حديث: ٦٢٢٦)

### نڇ تي ”اَلۡحَمۡدُ لِله“ چو چئبو آهي؟

شارحِ بخاري، حضرتِ علامہ شريفُ الحق امجدي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: نڇ صحت لاءِ سِتہءِ ضروريہ مان هڪ آهي (”ستہءِ ضروريہ“ اهي ڇهہ ضروري شيون آهن جن جي انسان کي موت تائين ضرورت رهندي آهي. ﴿1﴾ هوا ﴿2﴾ کائڻ پيئڻ ﴿3﴾ جسماني حرڪت ۽ سڪون ﴿4﴾ نفساني حرڪت ۽ سڪون ﴿5﴾ سمهڻ جاڳڻ ﴿6﴾ جسم جي اندر جيڪو ڪجهہ آهي ان جو مناسب مدت تائين جسم ۾ رهڻ ۽ پوءِ جسم مان خارج ٿي وڃڻ) نڇ اچڻ سان فاسد رطوبت ٻاهر نڪري ويندي آهي ان ڪري نڇ ڏيندڙ کي ”اَلۡحَمۡدُ لِله“ چوڻ جو حڪم آهي.

(نزهة القاري، ٥/٥٩٧)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ ۾ اوٻاسي جو ذڪر ٿيو. ڪجهہ ماڻهو اوٻاسي وقت منهن کولي عجيب قسم جو آواز ڪيندا آهن، انهن کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: اوٻاسي ڏيندڙ جڏهن ”هان“ ڪندو آهي تہ ان سان شيطان کلندو آهي. (بخاري، ٤/١٦٣، حديث: ٦٢٢٦ مفهوماً) يعني جڏهن ڪو اوٻاسي ۾ وات کوليندو آهي ۽ ”هان“ چوندو آهي تہ شيطان خوب ٺهڪ ڏئي کلندو آهي تہ مون ان کي چريو بڻائي ڇڏيو، پنهنجو اثر ان تي ڪري ڇڏيو. (مراة المناجيح، ٦/٣٩٢)

# نڇ جا فائدا

حڪيمُ الْاُمّت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: نڇ سان دماغ صاف ٿيندو آهي، نڇ اچڻ سان دماغ هلڪو ٿي ويندو آهي، طبيعت کي سُڪون ملندو آهي جنهن سان عبادتن تي وڌيڪ قدرت ملندي آهي. اطباء (ڊاڪٽرز) چون ٿا تہ زڪام اچي خيريت سان گذري وڃي تہ گهٽين بيمارين جو دفعيہ (يعني علاج) آهي ۽ اوٻاسي سستيءَ جي علامت آهي، ان سان جسم ۾ جمود طاري ٿيندو آهي، نڇ رب کي پسند آهي اوٻاسي شيطان کي پسند، ان ڪري حضراتِ انبياءِ ڪرام (عَلَيۡهِمُ السَّلَام) کي اوٻاسي ڪڏهن بہ نہ ايندي آهي. (مرأة المناجيح، ٦/٣٩١)

## ﴿2،3﴾ جڏهن توهان مان ڪنهن کي نڇ اچي

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو نڇ ڏئي تہ چوي: ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه“ ۽ ان جو ڀاءُ يا ساٿي ان کي چوي: يَرۡحَمُكَ الله، پوءِ جڏهن هو ”يَرۡحَمُكَ الله“چوي تہ نڇ ڏيندڙ ان کي چوي: يَهۡدِيۡكُمُ اللهُ وَيُصۡلِحُ بَالَكُمۡ يعني الله پاڪ توهان کي هدايت ڏئي ۽ توهان جو معاملو درست فرمائي. (بخاري، ٤/١٦٢، حديث: ٦٢٢٤)

جڏهن تہ هڪ روايت ۾ آهي تہ هو چوي: يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ يعني الله پاڪ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي. (ترمذي، ٤/٣٤٠، حديث: ٢٧٤٩)

مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: نڇ الله پاڪ جي نعمت آهي ان ڪري ان تي الله جو حمد (يعني تعريف) ڪرڻ گهرجي. جو تہ هن حمد سان هُن الله پاڪ جي نعمت جو قدر ڪيو ان ڪري ٻڌندڙ هن کي دعا ڏني: ”يَرۡحَمُكَ الله“جو تہ هن دعا ڏيندڙ ان (يعني نڇ ڏيندڙ) تي احسان ڪيو ان ڪري ان احسان جو بدلو احسان سان ڏيندي پوءِ ان کي دعا ڏئي (يعني هاڻي نڇ ڏيندڙ ”يَرۡحَمُكَ الله“ٻڌي هي دعا

ڏئي): يَهۡدِيكُمُ اللهُ وَيُصۡلِحُ بَالَكُمۡ مطلب تہ هنن ذڪرن ۾ عجيب حڪمت آهي. (مرأة المناجيح، ٣٩٣/٦)

## ﴿4﴾ نڇ ڏيندڙ جيڪڏهن حمد نہ ڪيو تہ----

نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ٻن شخصن کي نڇ آئي. پاڻ هڪ کي جواب ڏنو، ٻئي کي نہ ڏنو. (جنهن کي جواب نہ ڏنو هو) ان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان ان کي جواب ڏنو ۽ مون کي نہ ڏنو. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ان الله پاڪ جو حمد ڪيو ۽ تو نہ ڪيو. (بخاري، ١٦٣/٤، حديث: ٦٢٢٥)

## ﴿5﴾ فرشتي طرفان جواب

نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو نڇ تي ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه“ چوندو آهي، فرشتو چوندو آهي: رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ (يعني هن ڪلمي کي پورو ڪري ڇڏيندو آهي) ۽ جيڪڏهن نڇ ڏيندڙ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ چوي تہ فرشتو چوندو آهي: يَرۡحَمُكَ اللهُ يعني الله پاڪ تو تي رحم ڪري.

(ڪتاب الدعاء للطبراني، ص ٥٥٢، حديث: ١٩٨٥)

## نڇ تي الله پاڪ جي حمد جا افضل لفظ

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: (نڇ وقت) گهٽ ماٺهو صرف اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه چوندا آهن، پورو ڪلمو چوڻ گهرجي: ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ“. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) ڪيڏي وڏي دولت آهي جو معصوم فرشتي جي زبان مان دعاءِ رحمت (ملي). يعني جڏهن نڇ ڏيڻ وارو ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ“ چوندو تہ فرشتا ان کي دعا ڏيندا: ”يَرۡحَمُكَ اللهُ“ الله پاڪ تو تي رحمت فرمائي

تہ ان ڪري اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ چوڻ گهرجي. صرف ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ چيو تڏهن بہ سنت ادا ٿي ويندي پر اها سعادت جيڪا فرشتن کان دعا ملڻ واري هئي اها رهجي وئي. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ ”القول البديع“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: نڇ تي افضل ۽ اڪمل حمد جو صيغو هي آهي: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ عَلٰی کُلِّ حَالٍ مَا کَانَ مِنۡ حَالٍ وَصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی خَيۡرِ خَلۡقِہٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِ بَيۡتِہٖ. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص ٣١٩، ٣٢٠ ملخصاً)

شهزاده اعليٰ حضرت، حضرت مفتيِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ لکن ٿا:

جو ہے غافل ترے ذِکر سے ذُوالجلال    اس کی غفلت ہے اس پر وَبال و نَکال
قَعرِ غفلت سے ہم کو خدایا نکال    ہم ہوں ذاکِر تِرے اور مَذکُور تُو
اللہ اللہ اللہ اللہ

(سامانِ بخشش،ص21)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇا نڇ جو جواب ڏيڻ ضروري آهي؟

اڄڪلھ وڏن وڏن کي بہ ”يَرۡحَمُکَ اللّٰہُ“ چوڻ نہ ايندو آهي بلڪ نڇ اچڻ تي ۽ نڇ جو جواب ٻڌي ڪجهہ پڙهڻو آهي ان جي بہ خبر ئي نہ هوندي آهي. ياد رکو! نڇ اچڻ تي ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ چوڻ سنتِ مؤڪده آهي. (حاشية الطحطاوي على مراقي الفلاح، ص ٧)

## اهم مسئلو

ياد رکو! سنتِ مؤڪده بابت مسئلو هي آهي تہ هڪ اڌ ڀيرو ڇڏيو تہ برو ڪيو ۽ جيڪڏهن نہ ڪرڻ جي عادت بڻائي تہ گنهگار ٿيندو.

**هڪ درهم جي بدلي جنت خريد ڪري ورتي (واقعو)**

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب ”سننِ ابو دائود شريف“ جي مصنف حضرتِ امام ابو دائود سليمان بن اشعث سجستاني رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ پيري ٻيڙيءَ ۾ سفر ڪري رهيا هئا تہ درياهہ جي ڪناري هڪ شخص کي نڇ اچڻ تي ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ چوندي ٻڌو، پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ درهم تي هڪ (ٻي) ننڍڙي ٻيڙي ڪرائي تي ورتي ۽ پنهنجي ان ٻيڙيءَ مان لهي ٻي ٻيڙيءَ ۾ ويهي واپس ڪناري طرف موٽيا ۽ ان شخص جي ويجهو وڃي نڇ جو جواب ”یَرۡحَمُكَ اللّٰہُ“ ڏئي واپس اچي ويا. جڏهن سندن ڪان ان جو سبب پڇيو ويو تہ فرمايائون: نڇ اچڻ تي ان شخص حمد ڪئي هئي ۽ تي سگهي ٿو تہ اهو شخص اللّٰہ جي بارگاهہ ۾ مقبول هجي ۽ ان جي دعا قبول ٿيندي هجي. جڏهن ٻيڙي وارا سمهي پيا تہ انهن خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري کي ٻڌو: ”اي ٻيڙي وارؤ! ابو دائود هڪ درهم جي بدلي اللّٰہ پاڪ کان جنت خريد ڪري ورتي“. (فتح الباري، ١١/٥١٤، تحت الحديث: ٦٢٢٥)

اللّٰہ پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

وہ تو نہایت سَستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مُفلِس کیا مول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے

(حدائقِ بخشش،ص186)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ ڪافر جي نڇ جو جواب

نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ يهودي نڇون ڏيندا هئا ۽ اميد اها رکندا هئا تہ نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان تي ”یَرۡحَمُكَ اللّٰہُ“ چوندا، پر رسولُ اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ”یَهۡدِیۡكُمُ اللّٰہُ وَیُصۡلِحُ بَالَكُمۡ“ فرمائيندا هئا.

(ترمذي، ٤/٣٣٩، حديث: ٢٧٤٨)

## ﴿7﴾ نڇ جي جواب نہ ڏيڻ جو نقصان

مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرتِ مولا علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا: مون اللہ جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ارشـــاد فرمائيندي ٻڌو: توهان مان ڪنهن پنهنجي ڀاءُ جي نڇ جو جواب نہ ڏنو جڏهن هن نڇ ڏني (۽ اَلْحَمْدُلِلّٰہ چيو) تہ قيامت جي ڏينهن اهو نڇ ڏيندڙ ان جو بہ مطالبو ڪندو ۽ (نڇ جو جواب نہ ڏيڻ جي ڪري) ان کان بدلو ورتو ويندو. (البدور السافرة في أمور الآخرة، ص ٣٨٢)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## نڇ جي جواب متعلق دارُ الْاِفتاء اهلِ سنت جي فتوا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوب توجهہ سان پڙهو تہ نڇ جي جواب جي متعلق مسئلو هي آهي تہ هڪ ڀيرو فوراً جواب ڏيڻ واجب آهي ۽ ان ۾ بنا عذرِ شرعي دير ڪرڻ گناهہ آهي.

حضرتِ علامہ امام ابنِ عابدين شامي دمشقي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا: سلام ۽ نڇ جو جواب فورًا واجب آهي، ان جو ظاهر هي آهي تہ جڏهن بنا عذر جواب ۾ دير ڪئي تہ مڪروهِ تحريمي ٿيو ۽ گناهہ صرف بعد ۾ جواب ڏئي ڇڏڻ سان ختم نہ ٿيندو بلڪ توبہ بہ ڪرڻي پوندي.
(در مختار مع رد المحتار، ٦٨٣/٩)

ان ڪري احتياطاً توبہ ڪري ونو تہ ياالله پاڪ! اڄ تائين نڇ جو جواب واجب هجڻ جي صورت ۾ اسان کان ڄاڻي واڻي يا ويسر ۾ جيڪا دير ٿي يا وري اسان جواب ئي نہ ڏنو، ان کان اسان توبہ ڪيون ٿا، تون اسان کي معاف فرماءِ. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ﴿8﴾ نماز ۾ نڇ

حديثِ پاڪ ۾ آهي: نماز ۾ نڇ شيطان جي طرفان آهي. (ترمذي، ٣٤٤/٤، حديث: ٢٧٥٧ ملتقطاً) ياد رکو! نماز ۾ نڇ اچي وڃي تہ شيطان ان سان خوش

ٽيندو آهي تہ مون هن جي نماز ۾ خلل وجهي ڇڏيو نہ تہ هي ممنوع ناهي بلڪ هي تہ خدا جي نعمت آهي جڏهن تہ بيماري سان نہ هجي.
(مرأة المناجيح، ١٣٩/٢ ملخصاً بتغيرٍ قليلٍ)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ لڳاتار ٽي نچون

مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرتِ عثمان بن عفان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موجودگي ۾ ٽي نچون آيون. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي عثمان! ڇا مان تو کي خوشخبري نہ ٻڌايان؟ هي جبرائيل آهي جنهن مون کي الله پاڪ جي طرفان خبر ڏني آهي تہ "جيڪو مؤمن ٽي نچون لڳاتار ڏيندو آهي تہ ان جي دل ۾ ايمان ثابت (يعني پڪو) ٿي ويندو آهي." (نوادر الاصول، ٤٧١/٤، حديث: ١٠٦٦)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾ ڳالهہ ڪندي نچ

نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: وڌيڪ سچي ڳالهہ اها آهي تہ ان وقت نچ اچي وڃي. (معجم اوسط، ٣٠٢/٢، حديث: ٣٣٦٠)

حضرتِ سيدنا عمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ارشاد فرمائن ٿا: گفتگو وقت هڪ نچ مون کي هڪ "عادل" (يعني سچي) گواهہ کان وڌيڪ محبوب آهي. (نوادر الاصول، ٤٦٩/٤، حديث: ١٠٦٣) منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو وڃي جنهن جو صدق و ڪذب (يعني سچو ۽ ڪوڙو هجڻ) معلوم نہ هجي ۽ ان وقت ڪنهن کي نچ اچي تہ اها ان ڳالهہ جي صدق (يعني سچي هجڻ) تي دليل آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص ٣١٩)

## ﴿11﴾ دعا وقت نچ

حديثِ پاڪ ۾ آهي: دعا وقت نچ اچي وڃڻ سچو گواهہ آهي. (ڪنز العمال، جز: ٩، ٦٨/٥، حديث: ٢٥٥٢٠) اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

فرمائن ٿا: دعا وقت نچ اچڻ قبوليت جو دليل آهي (يعني دعا جي قبول ٿيڻ جو دليل آهي). (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت، ص ۳۱۹)

## ﴿13﴾ مغفرت جي خوشخبري

صحابيِ رسول حضرتِ ابورافع رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي پياري پياري، آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجد وڃڻ جي ارادي سان پنهنجي مبارڪ گهر کان ٻاهر تشريف وٺي آيا ته مان به انهن سان گڏ هيس، حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پڪڙيو هو، جڏهن اسان بقيع شريف پهتاسين ته رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نچ آئي، ته آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ ڇڏي ڏنو، پوءِ اهڙي طرح ويهي رهيا جيئن ڪو متحير (يعني حيران ٿيندڙ) ويٺو هجي، مون عرض ڪيو: يا نبي الله! منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان! توهان ڪجهه ڇيو آهي جنهن کي مان سمجهي نه سگهيو آهيان؟ ته حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جبرائيلِ امين عَلَیْہِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ چيائين: جڏهن توهان کي نچ اچي ته چئو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ کَکَرَمِہٖ وَالْحَمْدُ لِلّٰہِ کَعِزِّجَلَالِہٖ (يعني تمام خوبيون الله لاءِ آهن جيئن ان جو فضل و ڪرم آهي ۽ تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جيئن اُن جي عزت و بزرگي آهي). ته بيشڪ الله پاڪ تي پيرا فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي سچ چيو، منهنجي ٻانهي سچ چيو، منهنجي ٻانهي سچ چيو، ان کي بخشيو ويو.

(عمل اليوم والليلة، ص 116، حديث: 261)

يقيناً هي عمل اُمت جي تعليم جي لاءِ آهي نه ته پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شان هي آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گنهگارن کي بخشيو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿۱۳﴾ ڏند، ڪن ۽ پيٽ جي درد کان حفاظت جو نسخو

جڏهن ڪنهن کي نچ آئي ۽ هو ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہ“ چوي ان کان پهريان ٻڌڻ واري ”اَلْحَمْدُ لِلّٰہ“ چئي ورتو ته حديث ۾ آيو آهي ته اهڙو شخص

ذاتِ، ڪن ۾ بد هضمي جي سبب ٿيندڙ پيٽ جي درد کان محفوظ رهندو. (المقاصد الحسنة، ص ٤٢٠، حديث: ١١٣٠)

## ڏندن جي بيمارين کان حفاظت

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو نڇ تي چوي: ''اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ عَلٰى كُلِّ حَالٍ'' ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو، مجرب (يعني تجربو ٿيل ڳالهہ) آهي. (مراة المناجيح، ٦/٣٩٦)

## ﴿14﴾ نڇ وقت نوراني چهرو ڍڪي ڇڏيندا هئا

رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا عظمت ۾ جڏهن نڇ جي حاضري ٿيندي هئي يعني جڏهن پاڻ نڇ ڏيندا هئا تہ پنهنجي مبارڪ هٿ سان يا ڪپڙي سان نوراني چهرو ڍڪي ڇڏيندا هئا ۽ ان ڍڪڻ جي ذريعي پنهنجي آواز مبارڪ کي گهٽ ڪندا هئا.

(ترمذي، ٤/٣٤٣، حديث: ٢٧٥٤)

## نڇ ۾ آواز بلند نہ ڪيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نڇ سني شيءِ آهي ۽ هي سچو بيان اتفاقي نڇ جي نسبت سان آهي. زڪام (نزلي) جون نڇون ڪا شيءِ ناهن پر آواز پست (يعني گهٽ) ڪرڻ انهن ۾ بہ تهذيب آهي ۽ مسجد ۾ نڇ اچڻ جي صورت ۾ آواز گهٽ ڪرڻ جي وڌيڪ تاڪيد آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص ٣٢٢) ڪجهہ ماڻهو تمام زور سان هن انداز ۾ ''آڪ ڇي'' ڪندا آهن جو ساڄي طرف وارو بہ ڊڄي ويندو ۽ کابي طرف وارو ڇرڪي پوندو آهي تہ هي ڇا ٿي ويو؟ ياد رکو! نڇ ۾ آواز بلند ڪرڻ حماقت آهي يعني بيوقوفي آهي. (رد المحتار، ٩/٦٨٥) ان ڪري نڇ ۾ هن طرح جاٽي واٽي آواز بلند ڪرڻ هي سني ۽ مهذب ماڻهوءَ جي علامت ناهي.

## نڇ مان بدفالي وٺڻ ڪيئن؟

حضرتِ علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: گهڻا ماڻهو نڇ کي بدفالي خيال ڪندا آهن (يعني ان مان بدشگوني وٺندا آهن)، مثال طور ڪنهن ڪم لاءِ وڃي رهيو آهي ۽ ڪنهن کي نڇ اچي وئي تہ سمجهندا آهن تہ هاڻي اهو ڪم نہ ٿيندو، هي جهالت آهي ڇو تہ بدفالي ڪا شيءِ ناهي ۽ اهڙي شيءِ کي بدفالي چوڻ جنهن کي حديث ۾ ”شاهدِ عدل“ فرمايو ويو، سخت غلطي آهي. (بهارِ شريعت، ٣/٤٧٧، حصو: ١٦)

بد شگونی کا اثر نہیں ہوتا کبھی  جو تقدیر میں ہوتا ہے، وہی ملتا ہے ہمیں

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## ”نڇ جو جواب ڏيو“ جي 14 حرفن جي نسبت سان

## نڇ جا 14 احڪام

﴿1﴾ نڇ جو جواب هڪ ڀيرو واجب آهي جڏهن تہ نڇ ڏيڻ وارو ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ بہ چوي، جيڪڏهن مجلس ۾ ٻيهر ان ئي فرد کي نڇ آئي ۽ هن ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ چيو تہ ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (فتاوی ہندیہ، ٥/٣٢٦- بهارِ شريعت، ٣/٤٧٦، حصو: ١٦) ﴿2﴾ نڇ ڏيندڙ کي گهرجي تہ زور سان حمد چوي تہ جيئن ڪو ٻڌي ۽ جواب ڏئي. ﴿3﴾ جيڪڏهن ڪنهن شخص گهڻن ئي ماڻهن جي موجودگي ۾ نڇ ڏني ۽ ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ“ چيو تہ ٻڌڻ وارن مان هڪ بہ جواباً ”یَرۡحَمُکَ اللّٰہُ“ چئي ڏنو تہ سيني ٻڌڻ وارن طرفان واجب ادا ٿي ويندو، هاڻي سيني کي جواب ڏيڻ واجب ناهي. البت بهتر هي آهي تہ سڀ حاضرين جواب ڏين. (رد المحتار، ٩/٦٨٤) ﴿4﴾ خطبي وقت ڪنهن کي نڇ آئي تہ ٻڌڻ وارو ان جو جواب نہ ڏئي. (فتاوی قاضي خان، ٢/٣٧٧) ﴿5﴾ نڇ اچڻ سان نماز نہ ٽٽندي آهي.

## نماز ۾ نڇ جو جواب ڏيڻ ڪيئن؟

﴿6﴾ ڪنهن ڪي نڇ آئي ان جي جواب ۾ نمازي ”يَرْحَمُكَ الله“ چيو ته ان جي نماز ٽٽي وئي ۽ خود ان ڪي ئي نڇ آئي ۽ پاڻ کي مخاطب ڪري ”يَرْحَمُكَ الله“ چيو ته نماز نه ٽٽي، ڪنهن ٻئي نماز پڙهندڙ کي نڇ آئي هن ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو نماز نه وئي ۽ جواب جي نيت سان چيو ته هلي وئي. نماز ۾ نڇ آئي ڪنهن ٻئي ”يَرْحَمُكَ الله“ چيو ۽ هن (يعني نماز پڙهندڙ) جواب ۾ چيو ”آمين“ نماز ٽٽي وئي. نماز ۾ نڇ اچي ته چپ رهي ۽ ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چئي ورتو ته به نماز ۾ حرج ناهي (ڇوته نڇ اچڻ تي حمد چوڻ عرفاً جواب ناهي ان ڪري مفسدِ نماز يعني نماز ٽوڙڻ وارو عمل هجڻ جو سبب نه مليو.) ۽ جيڪڏهن ان وقت حمد نه ڪيو ته نماز کان فارغ ٿي ڪري. (بهار شريعت، ٦٠٥/١، حصو: ٣ بتسهيل)
﴿7﴾ (نماز جي حالت ۾) نڇ، ڪنگهه، اوٻاسي، اوڳرائي ۾ جيترا حرف مجبوراً نڪرندا آهن، معاف آهن. (بهار شريعت، ٦٠٨/١، حصو: ٣) ﴿8﴾ جيڪڏهن نڇ ڏيڻ واري شخص نڇ اچڻ کان پوءِ ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو ۽ ٻئي ڪمري ۾ موجود شخص ٻڌو، ته ٻڌندڙ تي واجب آهي ته جواب ڏئي، جيڪڏهن جواب نه ڏيندو ته گنهگار ٿيندو. حضرتِ علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”يت جي پويان ڪنهن کي نڇ آئي ۽ هن ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو ته ٻڌندڙ ان جو جواب ڏئي.“ (در المحتار، ٦٨٤/٩) (بهارِ شريعت، ٤٧٧/٣، حصو: ١٦)

﴿9﴾ غير مسلم نڇ اچڻ تي ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چوي، ته جواب ۾ ”يَهْدِيْكَ الله“ (يعني الله پاڪ تو کي هدايت ڏئي) يا ”يَهْدِيكُمُ اللهُ وَيُصْلِحُ بَالَكُمْ“ (الله پاڪ تو کي هدايت ڏئي ۽ تنهنجي معاملي جي اصلاح فرمائي.) چيو وڃي. (ترمذي، ٣٣٩/٤، حديث: ٢٧٤٨ ماخوذاً ـ رد المحتار، ٦٨٤/٩)

﴿10﴾ بيت الخلا (Washroom) ۾ نچ اچي تہ زبان کي حرڪت ڏيڻ
کان سواءِ دل ۾ ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ چئي ونجي. جيئن تہ بهارِ شريعت ۾ آهي:
نچ يا سلام يا اذان جو جواب زبان سان نہ ڏئي ۽ جيڪڏهن نچ ڏئي
تہ زبان سان ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ نہ چوي، دل ۾ چئي وني. (بهارِ شريعت، ٤٠٩/١، حصو: ٢)

﴿11﴾ تلاوت ڪندڙ، ديني مطالعو ڪندڙ، دعا يا ذڪر وظيفن
وغيره ۾ مصروف شخص تي نچ ڏيڻ واري جي حمد جو جواب واجب
ناهي ان ڪري ان کي اختيار آهي تہ جواب ڏئي يا نہ ڏئي. هي اهڙي
طرح آهي تہ ڪو شخص انهن ڪمن مان ڪنهن ۾ مصروف هجي
۽ ان دوران ڪو ان کي سلام ڪري تہ ان تي جواب واجب نہ ٿيندو.
(دارالافتاء اہل سنت کا فتوا، نمبر: WAT-2311)

﴿12﴾ نچ ڏيڻ سان ڳوڙها نڪري اچن تہ وضو نہ ٽٽندو آهي.

﴿14﴾ نچ ڏيڻ واري جي نچ جو جواب ان وقت آهي جڏهن هو نچ
ڏيڻ کان پوءِ ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ چوي ۽ جيڪڏهن هن اجا نچ ڏني ئي نہ آهي
يا نچ ڏني پر اجا ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ نہ چيو آهي تہ جواب واجب ناهي، ان سان
گڏ ان جي ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ چوڻ کان پوءِ ٻڌڻ واري تي جواب واجب آهي
جيڪڏهن ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ چوڻ کان پهريان ”يَرْحَمُكَ الله“ چئي ورتو تہ جواب
نہ ٿيو بلڪ ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ ٻڌڻ کان پوءِ هاڻي جواب واجب ٿيندو.

﴿14﴾ نچ جو جواب ڏيڻ ان وقت واجب ٿيندو آهي جڏهن نچ سان
گڏوگڏ نچ ڏيڻ واري کان حمد (اَلْحَمْدُلِلّٰه) بہ ٻڌي ، ان ڪري نچ ڏيڻ
واري هلڪي آواز ۾ ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ چيو ۽ حاضرين نہ ٻڌو تہ جواب ڏيڻ
واجب ناهي، البتہ عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ جڏهن هي معلوم نہ هجي
تہ نچ ڏيندڙ حمد ڪيو آهي يا نہ ڪيو آهي تہ پوءِ هيئن مشروط
جواب ڏئي ڇڏڻ گهرجي تہ جيڪڏهن تو حمد ڪيو آهي تہ ”يَرْحَمُكَ الله“.
(دارالافتاء اہل سنت کا فتوی)

بهارِ شريعت ۾ آهي: نڇ جو جواب ڏيڻ واجب آهي، جڏهن ته نڇ ڏيندڙ ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چوي ۽ ان جو جواب به فورًا ڏيڻ ۽ اهڙي طرح ڏيڻ ته هو ٻڌي، واجب آهي. يعني من ئي من ۾ جواب ڏئي ڇڏيو ۽ هن (نڇ ڏيڻ واري) نه ٻڌو ته واجب ادا نه ٿيندو. (بهارِ شريعت، ٤٧٦/٣، حصو: ١٦ بتسهيل)

هي ذهن ۾ رهي ته جڏهن محرم عورت نڇ اچڻ تي ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چوي ته ان کي جواب ۾ ”يَرْحَمُكِ الله“ چوندا، مثال طور گهر ۾ امڙ کي نڇ آئي، هنن ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو ۽ پٽ ٻڌو ته پٽ جواب ۾ چوندو: ”يَرْحَمُكِ الله“ ڪاف جي هيٺان زير ڏئي ۽ جيڪڏهن مرد کي نڇ آئي ۽ هن ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ چيو ته ٻڌڻ تي جواباً ”يَرْحَمُكَ الله“ چوندا، ڪاف تي زبر پڙهندا.

## نامحرم کي جيڪڏهن نڇ اچي ته؟

بهارِ شريعت، جلد ٣، صفحو ٤٧٧ تي آهي: (غير محرم) عورت کي جيڪڏهن نڇ آئي جيڪڏهن اها پوڙهي آهي ته مرد ان جو جواب ڏئي، جيڪڏهن جوان آهي ته اهڙي طرح جواب ڏئي جو هوءَ نه ٻڌي، مرد کي نڇ آئي ۽ عورت جواب ڏنو جيڪڏهن جوان آهي ته مرد ان جو جواب پنهنجي دل ۾ ڏئي ۽ پوڙهي آهي ته زور سان جواب ڏئي سگهي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضانِ مدينہ، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net